# پورهيت

جو پهريون

ڪتاب



## پهرين مئي

لکندڙ:

رسول بخش پليجو

مجاهد بريلوي

واحد بخش بنگلاڻي

ابراهيم سارنگ

شيخ ارشاد راهي

اياز گل

سرور سيف

ادل سومرو

قيمت

2- روپيه

# پورهيت

جو پهريون ڪتاب

## پهرين مئي — ارشاد راهي

### مضمون

ريلوي مزدور يونين —— ادارو

نجي ملڪيت قومي ملڪيت —— مجاهد

انساني جاڪوڙ —— مظهر اڄڻ

### ڪهاڻيون

وڏيو هئين ته ويهه —— رسول بخش پليجو

اندر جا وڻ —— ابراهيم سارنگ

### شعر

هاري —— ربنواز ميراڻي

ويتنام —— محمود نڪايل

۲۳- مارچ —— سرور سيف

آيڙو —— غوثل ڪلوڙ

غزل —— اياز گل

!؟ —— واجد ناز

بيت —— سڪندر ساجن

ڪارڪنن ۾ ڇڙواڳي —— ماؤ

مرتب:-
پريل مري

پاڻهن پيلي:-
واحد بخش بنگلاڻي

خط ۽ ڪتاب لاءِ

۱۵- مهراڻ مرڪز سکر

قيمت ٻه روپيا

هي ڪتاب پريل مري "همدرد" پريس پيٺا روڊ، سکر مان ڇپائي ۱۵- مهراڻ مرڪز سکر مان پڌرو ڪيو.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# پنهنجي پاران

سنڌي رسالن جي هوندڻ تہ کوٽ ڪانہ آهي. هر ماڻهو هر تنظيم پنهنجي وس آهر رسالا ۽ ڪتاب شايع ڪري ٿي مگر آهي سواءِ ڪن هڪ ٻن جي وچولي طبقي جي نمائندگي ڪن ٿا. هن ڏس ۾ اسان پنهنجن سنڌي مزدورن جي آواز ۾ آواز ملائڻ لاءِ پورهيت پچار پبليڪيشن طرفان پهريون ڪتاب ”يوم مئي“ ڪڍي رهيا آهيون اميد تہ سنڌي پورهيت ڀائر پنهنجي تڪليف کان آگاه ڪندا تہ جيئن اسان پنهنجن پورهيت ڀائرن جي وک سان وک ملائي هلي سگهون.

سرڪاري سالن کان پوءِ مس مس هي سال مليو آهي تنهنڪري هن سال کي لطيف جو سال ڪري ملهايو وڃي نہ تہ وري اڳئين سال لاءِ غالب، حفيظ جالهندري، اڪبر الله آبادي منظر آهن اسانجي سنڌي شاگردن، پورهيت، هارين کي اپيل آهي تہ هو لطيف جو سال پنهنجا اختلاف وساري گڏجي ملهائين.

جيئي سنڌ

**پرديل مري**

پهرين مئي جي تحريڪ لاءِ پورهيتن ڪي ڪيترين قربانيون ڏيڻيون پيون- پورهيتن جا ڪيترا اڳواڻ موت جي اکين ۾ اکيون وجهي ڪلندي ڪلندي پنهنجي جان جو نذرانو پيش ڪيو. پهرين مئي اهو ڏينهن آهي. جنهن ڏينهن پورهيتن جي باقاعده تحريڪ جنم ورتو- ان ڏينهن محنتڪش پنهنجي خون سان رنگيل ڪپڙن کي مٿي آڻيو ڪري پنهنجي بيمثال بهادري جو ثبوت ڏيئي عوام دشمن قوتن جي صفن ۾ ڏڪڻ وجهي ڇڏيو- هن ڏينهن آمريڪي پورهيت سرمائيدارن ۽ منافع خورن جي ظالمانه ڦرلٽ جي خلاف جدوجهد ڪئي-

پهرين مئي انسان کي نئين سوچ، نئون شعور ۽ نئون فڪر بخشيو. هن ڏينهن سرمائيدارانه سماج کي ڪاپاري ڌڪ لڳو ۽ پورهيتن اهو ثابت ڪري ڏيکاريو ته موجوده نظام سڄي عوام لاءِ قابل قبول ڪونه آهي. هو اهڙو معاشرو چاهين ٿا جتي دولت چند ماڻهن وٽ جمع ٿيڻ بجاءِ برابري جي بنياد تي ورهائجي رهي- جتي انسان ٽولن، برادرين ۽ طبقن ۾ نه ورهائجن جتي وڏي ۽ ننڍي، امير ۽ غريب ڏاڍي ۽ هيڻي جو فرق نه هجي-

انهن سڀني ڳالهين کان وڌيڪ پهرين مئي تحريڪ ۾ ڦاسي جي ڦندي ۾ لٽڪندڙ پورهيت اڳواڻن جا اهي لفظ هڪ تاريخي حيثيت رکن ٿا جيڪي هنن پنهنجي عظيم موت کان اڳ چيا هئا. "اينجل" چيو هو، "توهان اسان کي ماري سگهو ٿا، مگر اسان جي تحريڪ توهان جي وس کان ٻاهر هوندي-"

"فشر" چيو هو، "اسان خوش آهيون ته اڄ اسان هڪ مقدس مقصد لاءِ جان ڏيئي رهيا آهيون-"

"پئرسنز" جو هي جملو امر ٿي ويو، "توهان اسان جي آواز کي بند ڪري سگهو ٿا. مگر هڪ ڏينهن اهڙو به ايندو جڏهن اسان جي خاموشي اسان جي آواز کان زياده زوردار هوندي."

"اسپائيز" جا هي لفظ اڃا تائين دنيا جي فضائن ۾ گونجي رهيا آهن، " غريب انسان جو آواز بلند ٿيڻ ڏيو نه ته پوءِ انهن جون تلوارون بلند ٿينديون."

۾ پاڻ پيرا ٿين ۽ پنهنجن پيرن تي بيهن- پر ان جي بر عڪس سنڌي مزدور کي ذاتي ۽ انفرادي مفاد طرف مائل ڪري جدا جدا تنظيمن ۾ ورڇي ڪري سنڌن ٻڌيءَ ۽ اتحاد کي ڪاپاري ڌڪ هڻي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيو آهي.

پاڪستان نهڻ شرط ٿي پناهگير پنجابي ڦورو ٽولن ريلوي جي نوڪرن تي يلغار ڪري ڏني- انوقت سنڌ ۾ فقط ڪراچي ڊويزن هئي جنهن ۾ هڪ سازش تحت اردو، اسلام ۽ پاڪستان خاطر گهر، ٻار قربان ڪندڙ پنهنجي وطن وسارڻ کان پوءِ به "محب وطن" پناهگير ڦورو ٽولن کي پريو ويو يا پنهنجن چاچن، مامن، سالن ۽ پيٽيون کي پنجاب جي دور دراز علائقن مان گهرائي پيءُ جي مڏي سمجهي ورهايون ويون ۽ غريب سنڌي ماروئڙن کي "بيوقوف" "چٽ" "نوڪري نه ڪري سگهندڙ" "گهر کان ٻاهر نه ويندڙ" جا بي‌بنياد ڪوڙا خيالي الزام هڻي سنڌن روزگار تي ڌاڙا هنيا آهن-

چند سال اڳ اها افواه تي هئي ته پاڪستان ريلوي کي ٻن زونن ۾ ورهايو ويندو- هڪ سنڌ بلوچستان جنهن جو هيڊ ڪوارٽر سکر رکيو ويندو ۽ ٻيو لاهور هوندو- پر پنجابي پناهگير نوڪرشاهي ۽ نقلي ترقي پسند ٽوڙي رجعت پسند مزدور يونين گڏجي سازش ڪري ائين ڪرڻ نه ڏنو- ڇاڪاڻ جو ان ڪري ته:

۱- سکر زون جي ملازمن جو هيڊ ڪوارٽر سکر ٿئي ها.

۲- سکر زون جي ملازمن لاءِ علحده سودا ڪاري ايجنٽ هجي ها.

۳- سنڌ ۾ زون هيڊ ڪوارٽر هجڻ ڪري لازمي طور تي سنڌين جو پنهنجيون يونينيون اپري اچن ها جيڪي ٻاهرين سازشن کان پاڪ پنهنجي تنظيم هجي ها ۽ پناهگير پنجابي ڦورو ٽولن جي ليڊري خطري ۾ پئجي وڃي ها.

۴- سکر زون ۾ پنجابي ۽ پناهگير نوڪر شاهي جي بي لغام وڏيرپ ختم ٿئي ها. (هلندڙ)

ان سان گڏ انهن ڪارخانيدارن پنهنجي روايت موجب ردي ناقص ۽ ملاوت ٽيل اٽو ماڻهن کي ڏيڻ شروع ڪري ڏنو آهي ۽ قيمتون به ڳريون مقرر ڪيون اٿن.

**چانورن ڇڙڻ جا ڪارخانا :-** رائيس ملنگ ڪارپوريشن جي انتظام هيٺ سنڌ ۽ بلوچستان مان ۳۸۶ شيلر يونٽ هئا. جن مان اڃا تائين ۲۴۰ ڪارخانا ذاتي ملڪيت ۾ واپس ڪيا ويا آهن. ۱۴۶ ڪارخانن جو مسئلو اڃان غور هيٺ آهي. پنجاب ۽ سرحد جي ۲۵۷ ڪارخانن مان ۲۳۵ يونٽ ساڳين مالڪن کي واپس ڪيا ويا آهن. باقي ۲۲ ڪارخانن جو مسئلو اڃان غور هيٺ آهي.

سنڌ رائيس ملنگ جي رپورٽ تحت اداري صرف هڪ سال ۾ سوا ٽي لک ٽن چانور برآمدڪرڻ جو رڪارڊ قائم ڪيو آهي. ۽ هيءَ ڳالهه به ذڪرجي قابل آهي ته ڪنهن به ملڪ مان خراب مال اچڻ جي شڪايت نه ٿي آهي. جڏهن ته ذاتي ملڪيت جي وقت ۾ انهن ڪارخانن جو مال اڪثر خراب ڪواليٽيءَ ڪري واپس ڪيو ويندو هو.

رائيس ملنگ ڪارپوريشن جي هڪ رپورٽ مطابق سڄي سنڌ ۾ صرف هڪ سال اندر هارين کان ۲ ڪروڙ ۳۹ لک مڻ ساريون خريد ڪيون ويون. انهن مان ۲ ڪروڙ ۳۰ لک مڻ ساريون (اري ٦) ۳۰ روپيه مڻ جي حساب سان ۽ ۹ لک مڻ ساريون ۲۱ روپيه مڻ خريد ڪيون ويون. اهڙي طرح سارين پوکيندڙ ڪڙمين کي صرف هڪ سال ۾ ٦۵ ڪروڙ روپيه مليا. اهڙي نموني پنجاب جي هارين کان هڪ سال ۾ هڪ ارب روپين جون ساريون خريد ڪيون ويون.

ڪارخانن جي قومي ملڪيت ۾ رهڻ سان هڪ سال ۾ رائيس ملنگ ڪارپوريشن ۳۰ لک ۲۵ هزار ٽن چانور رائيس ايڪسپورٽ ڪارپوريشن کي ڏنا. (جي ٻاهر موڪليا ويا.)

هڪ اندازي مطابق قومي ملڪيت مان ذاتي ملڪيت۾ اچڻ سان هارين کي ڏهه روپيه في مڻ تي نقصان پهتو. اهڙيطرح صرف سنڌ ۾ هڪ سال ۾ هارين کي ۲۲ ڪروڙ روپين جو نقصان ٿيندو، صرف

ايترو نہ بلڪ ڪارخانيدارن پنهنجي مقرر ڪيل قيمتن تـي ساريون وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو جنهن جي ڪري لکين مڻ سـاريون خراب ٿي رهيون آهن. جنهن مان هارين کي مجموعي طور تيڪروڙين روپين جو نقصان ٿيندو. مل مالڪ اول تہ سٺي جنس جا چانور وٺڻ نٿا گهرن جي وٺن ٿا تہ تمام گهٽ اگهن تي. جنهن تي ان ڳالهہ جو خطرو پيدا ٿي پيو آهي تہ جيڪڏهن هارين کان اهو مال خريد نہ ڪيو ويو تہ هو ايندڙ سال گهٽ فصل پوکيندا.

چانورن جي ڪارخانن ۾ بہ ملازمن جي حالت اٽـي جي ڪارخاني وارن ملازمن کان مختلف نہ آهي. هر ڪارخاني ۾ ملازم ۽ مزدورن جو استحصال ڪيو پيو وڃي. ۽ انهن کي سهولتن کان محروم رکيو پيو وڃي ۽ هڪ اندازي مطابق اڄـان ڏينهن ٢٥٠ ملازمن کي ڇانٽي ڪيو ويو آهي.

**ڪپهہ جا ڪارخانا :-** ڪپهہ جا ڪل ٥٥٧ ڪارخانہ قومي ملڪيت ۾ ورتا ويا هئا جن مان ٤٩٢ واپس ڪيا ويا آهن. ڪاٽن ٽريڊنگ ڪارپوريشن جي هڪ رپورٽ تحت ١٦ جـولاءِ ١٩٧٦ع کان ١ ڊسمبر ١٩٧٧ع تائين ٤٩٢ فيڪٽرين مان ٥٢ ڪروڙ روپيہ فائدو پهتو ٥١ ڪروڙ روپيہ وياج جي صورت ۾ آمدني ٿي ۽ ٣٥ ڪروڙ روپيا انشورنس ۾ ڏنا ويا. ٻي طرف جولاءِ ١٩٧٦ع کان وٺي مارچ ١٩٧٧ع جي دوران هارين کـي انهن جـي مال جي عيوض ڪارپوريشن هارين کي ٣٢٠ ڪروڙ روپيہ ڏنا ۽ اهو ٽريڊنگ ڪارپوريشن جو رڪارڊ آهي. ان کان علاوه ڪارپوريشن ڪپهہ جي قيمت ١٣٨ روپيہ مڻ مقرر ڪئي هئي. تڏهن تہ ان وقت صورت حال اها هئي جو سرمائيداره ٩٠ روپيہ في مڻ جي حساب سان بہ هارين کان ڪپهہ وٺڻ لاءِ تيار ڪونہ هئا.

**ڪپهہ جي ڪارخانن جا ملازم :-** ڪـاٽـن ٽريڊنگـ ڪارپوريشن جي قومي ملڪيت جي دوران اها ڪارڪردگي انهن ملازمن جو ئي سبب هئي جن کـي اڄ نااهل گهٽ تعليم يافتہ ۽

سياسي پارٽين جو ڪارڪن ڇٽي وڏي پيماني تي ڇانٽي ڪيو پيو وڃي.

ڪاٽن ٽريڊنگ ڪارپوريشن ۾ مستقل ملازمن جو تعداد ٻارهن هزار ۽ موسمي آهي ملازمن جو تعداد اٽڪل ٥٣٢ هزار هيو ۽ انهن ملازمن جون پرتيون قابليت، تجربي ۽ بورڊ جي قاعدي جي مطابق ٿيون هيون.

ان وقت صورتحال اها هئي جو صرف ڪراچي ۾ ڪاٽن ٽريڊنگ ڪارپوريشن جي ٣٠٠ ملازمن مان ١٧٧ اسسٽنٽ منيجر. ڪمرشل اسسٽنٽ ۽ جونيئر ڪمرشل اسسٽنٽ لاٿا ويا آهن. اها صورتحال صرف ڪراچي ۾ هئي جڏهن ته پنجاب ۾ هن وقت تائين اٽڪل هڪ هزار ملازم خارج ڪيا ويا آهن.

پاڪستان فورم جي ٿوري سان

ترجمو :- **سوڀو سنڌي**

---

**ساگر سنڌي**

# گيت

پنهنجي ديس جي ڌرتيءَ ڪاڻ
تون سورهيه ٻڌجي سينو تاڻ
موت نه توکي ماري سگهندو
موت کي ماري اچ تون هاڻ
جي سنڌڙيءَ خاطر سرڙو ڏيندين
ٻڌجي هوشو هيمون ايندين
پوءِ ڪڏهن نه ويندي سنڌوءَ مان
تنهنجي لهوءَ جي لالاڻ.

ادل سومرو

**وائي**

انڌو آهين تون
پورهيت آهي روشني
آءٌ انهيءَ هو پوڇاري
جنهن جي هٿ لڳون.
پورهيت .... ....
ڪکرن سندي ڪک ۾
اڪل • هن وڇون.
پورهيت .... ....
سينين تجوڙين ۾
سانڊيا نانگ وڇون.
پورهيت آهي روشني
انڌو آهين تون

مظهر اچڻ

## انسانيءَ تهذيب جي اڳ واري دور ۾

# انسان جي جاکوڙ

انسان هڪ سماجي جانور آهي. هن پاڻ کي موجوده تهذيب جي دنيا ۾ پهچائڻ لاءِ صدين کان نسل در نسل جاکوڙ ڪئي آهي ڏکيين منزلن ۽ وڏن ڏاکن کي لتاڙي نه فقط پنهنجي نسل جو واڌارو ڪيو آهي، پر پنهنجي پاڻ جو بچاءُ به ڪيو آهي. هن ڪنهن دور ۾ پاڻ کي انسان سمجهيو، ڪنهن دور ۾ گروهه، ڪنهن دور ۾ ڪٽنب، ڪنهن دور ۾ قبيلو ۽ ڪنهن دور ۾ قوم سمجهيو ته ڪنهن دور ۾ وري طبقو سمجهيو آهي.

انساني واڌاري جي ڏکيين منزلن ۽ وڏن ڏاکن ۽ دورن جو گهڻو ڪري ۽ سڌوسنئون واسطو سندن پنهنجي بچاءَ لاءِ زندگيءَ جي ذريعن ۾ مهارت ڪرڻ ۾ آهي، ڇاڪاڻ ته ڪائنات ۾ انسان جي وڏائي ۽ برتريءَ جو دارومدار خود انساني زندگيءَ جي ذريعن ۽ ان جي پيداوار ۾ ماهر هجڻ ۾ آهي. انسان ئي هڪ اهڙي هستي آهي، جنهن جي باري ۾ چئي سگهجي ٿو ته هن گذر سفر ۽ زنده رهڻ لاءِ ڪاڌي خوراڪ جي پيداوار تي مڪمل مهارت حاصل ڪئي آهي. اها مهارت ئي انسان کي ويهين صديءَ جي هن ائٽمي دور ۾ پهچايو ۽ اها ئي مهارت انسان کي اڃا اڳتي آئي ڪيس پنهنجي نسل جي طبقن ۽ قومن جي ڦرلٽ، ڏاڍ ۽ زبردستي کان نجات ڏياريندي.

انساني زندگي جي پيداواري قوت جي واڌاري کي سمجهڻ، پرکڻ ۽ جاچڻ لاءِ دنيا ۾ به جدا جدا خيال آهن، يا ٿلهي ليکي هن سماج جي واڌاري يا اوسر کي سمجهڻ لاءِ به مختلف ۽ هڪ ٻئي جي ابتڙ

نظريا آهن. هڪڙا چون ٿا ته هڪ جهڙين حالتن مان هڪ جهڙا نتيجا پيدا ڪندڙ ۽ سخت قانونن جي هلندڙ قدرتي نظام کان سماجي واڌاري، ترقي ۽ اوسر جو نظام بلڪل مختلف آهي، ۽ ٻيا چون ٿا ته سماجي زندگيءَ ۾ ائين ڪونه ٿيندو آهي- اتي هر شيءِ هر ايجاد اتفاقي ۽ پنهنجو پاڻ وجود ۾ ايندي آهي، انسان ڪنهن به شيءِ ۽ ايجاد لاءِ اڳوات ڪجهه به چئي نٿو سگهجي، وڏا وڏا مفڪر، حڪمران، جرنيل ۽ سائنسدان پنهنجي مرضيءَ سان نوان، نوان خيال، طريقا، اٽڪلون سٽڪلون ۽ ايجادون ڪري تاريخ جوڙيندا آهن، يا ائين ڪٿي چئجي ته انهن خيالن، طريقن اٽڪلن ۽ ايجادن جو انسان ذات جي پيداواري گهرجن، بچاءَ ۽ بقاءَ سان ڪوئي به واسطو ڪونه هوندو آهي، انهن شين جي مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ انهن جي گهرج ۽ ڪاپي لاءِ موقعا ڳولهيا ويندا آهن. ليڪن ٻيا چون ٿا ته- نه انسان سماج ۽ تاريخ برابر جوڙي ٿو، ايجادون به ڪري ٿو پر ان جوڙجڪ لاءِ ڪجهه بنيادي قانون ۽ ڪسوٽيون آهن. جن جو هن سموري سماج ۽ ڪائنات جي مانداڻ تي قبضو آهي، يا ڪٿي ائين چئجي ته هن سماج ۽ ڪائنات کي سمجهڻ ۽ پرکڻ لاءِ هڪ بنيادي قانون آهي، هڪ ڪسوٽي موجود آهي- جنهن تي اسين هن سڄي سماج جي جوڙجڪ، واڌاري ۽ اوسر کي پرکي سگهون ٿا- فطرت جي هن قانون کي سمجهڻ لاءِ اسانکي هيٺين ٻن ڳالهين کي نظر ۾ رکڻو پوندو. پهريون ته دنيا ۾ ڪابه شيءِ سڄي ساري، اڪيلي، يا هڪ ٻئي شيءِ مان نهيل ڪانه هوندي آهي، پر هر شيءِ ۽ هر ڳالهه جو جڙڻ، ٺهڻ، وڌڻ ۽ ويجهڻ ۽ ٻن ابتڙن جي ڏاڪي به ڏاڪي ميلاپ ۽ ٽڪر جو نتيجو هوندو آهي، انسان پنهنجي ۽ مخالف قوتن جي ميلاپ ۽ ٽڪر مان ٺئين نئين شيءِ يا ڳالهه ناهي پنهنجي "پاڻ" جي بچاءَ ۽ گذرسفر جي رستن جي حفاظت ۾ مهارت حاصل ڪندو آهي.

ٻيو ته دنيا ۾ ڪابه شيءِ هڪ هنڌ بيٺل ۽ قطعي آخري ۽ ساڳي حالت ۾ نه هوندي آهي، ۽ نه ئي ڪنهن ٻئي ڪنهن شيءِ کي

رکندڙن چنڊ جي پرواز جي صدي سڏيو- مطلب ته هن صديءَ ۾ انسان ذات تمام تيزي سان نيون نيون ايجادون ڪيون- پرائيون شيون جلدي جلدي پس پرده ٿينديون ويون ۽ نيون شيون اپرنديون رهيون- يا ائين چئجي ته هن صديءَ ايجاد ٿيل شين جون عمريون گهٽائي تمام ننڍيون ڪري ڇڏيون آهن، ته وڏاءُ ڪونه ٿيندو. هڪ عام ماڻهو به انهن ايجادن جي وڌڻ، ويجهڻ، ختم ٿيڻ ۽ وري نئين انداز ۾ نهڻ کي چڱي طرح بذات خـود ڏسي وائسي ۽ سمجهي چاڻي سگهيو آهي- جڏهن ته اڳي ڪنهن شيءِ جـي ايجادن ۽ ان جي واڌاري ترقي ۽ اوسر، ۽ پراڻين شين جـي تباهي، بربادي ۽ وري نئين انداز ۾ نئين روپ ايجاد لاءِ انسان کي ڪيترائي نسل ۽ ڪيتريون صديون انتظار ڪرڻو پوندو هو. اهو ان ڪـري جو اج جي هن تهذيب واري دور ۾ انسان جي پنهنجي قومن ۽ طبقن جي بچاءَ لاءِ پنهنجي ئي نسل جي قومن ۽ طبقن ۾ ويڙهاند آهي. ڦريل قومون ۽ طبقا پنهنجي بچاءَ لاءِ ڦورو قومن ۽ طبقن سان علم، ڏاهپ، اتڪلن، اتحاد، سائنس، ٽيڪنالاجي جـي ميدان ۾ مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا آهن. انسان جي موجوده ميدانن ۾ پاڻ پتوڙڻ جي مهارت کي سمجهڻ لاءِ اسان کي تهذيب واري دور کان اڳ انساني جاکوڙ جي تاريخ کـي ڏسڻو ۽ پرکڻو پوندو ته ڪيئن شروع کان وٺي انسان پنهنجي نسل جي بقاءَ لاءِ مهارت حاصل ڪئي- چاڪاڻ ته انسان جي پنهنجي بچاءَ جـا سلسلا ازل کان جاري آهن ۽ جاري رهندا. اهي هڪ ٻئي سا ڪڙو ڪڙي ۾ مليل لاڳاپيل، گوناگون ۽ اڻ ڳڻت آهن.

( باقي آئينده )

—*—*—

صاحب پنهنجي گنجي چلڪندڙ ٽڪڻ تي هٿ گهمائيندي نه چاڙ چا مان چا لکي اسڪوٽر تي روانو ٿي ويو. ماستر ڪـا مهل ته ڪيس چپ چاپ ڏسندو رهيو، ڇڙ سندس بت مان ست ئي نڪري ويو هجي- پوءِ اوچتو خيال ايندي وزيٽرس بوڪ کولي پڙهڻ لڳو.

”ماستر کي اسڪول ۾ ننڊ جي حالت ۾ ڏٺو ويو. ڇوڪرا راند ڪري رهيا هئا. جنهن مان ماستر جي لاپرواهي ۽ ڪم چوري نظر اچي ٿي، بالا آفيسرن کي لکيو ويندو ته اهڙي ڪم چور ماستر کي دوري تي سزا طور بدلي ڪيو وڃي.“

ماستر جي اکين مان ٽپ ٽپ ڪري ڳوڙها وهڻ لڳا ۽ سندس هٿن مان وزيٽرس بوڪ ڇڏائجي هيٺ ڪري پيو.

---

# گـذارش

اسان جو هي رسالو خاص ڪري سنڌي پورهيتن جي خبرن چارن لاءِ وقف هوندو، اسان جـو هارين، مزدورن ۽ ٻين پورهيت ڀائرن کي عرض آهي ته اوهان جي علائقي، مـل ۽ فيڪٽريءَ ۾ جيڪي مسئلا هجن، سي اسان کي صـاف سٺن اکرن ۾ پنهنجي هڪ پاسي لکي موڪلين جيئن اسان سندن لکڻين کي سهڻي نموني سان رسالي ۾ جاءِ ڏيئي سگهون.

ربنواز ميراڻي

## هاري

هاري،
تنهن جي محنت
تنهن جو تخليقي عمل
تنهن جي نهٺائي.
۽ ڌرتيءَ سان پيار
چاهيان ٿو
توکي سجدو ڪريان
تنهن جي پيرن جي پٽي
متي تي لايان
هاري!
جي تون جاڳين.

منوهر سڪايل

## ويٽنام

مان ويٽنام آهيان
منهن جو من
هنوئي آهي
تون سامراجي
آمريڪي جينٽ
بمبار
ڪيڏا به بم وسائين
فتح آخر منهن جي ٿيندي.

سرور سيف

## ۴ مارچ

رت جا ڏڳ
رستو لهو لهو
ڪنهن
وحشين جي ٽولي
معصوم جيو
چچريا، ڪچليا، ڪنا
گرم گرم
رت جا ڍڪ پيتا
وحشي- رهزن
قاتل- ڦورو
هر دور هر سمي
مسڪين مظلوم جو
رت پيئڻ لاءِ آتا
رستو لهو لهو
رت جا ڏڳ
چوٿين مارچ

صابر "غوثل" ڪلوڙ

## ڏيئڙو

منهنجي اکين ۾ اونده ڇو
ڪاڻهوڪي ڪاري رات ڪان
لهي نٿي اڃان سو

شايد ڪو نظارو ڏسي
بيدار بيدرد نگري ۾
پنهنجو پاڻ پيون پسي

اياز گل

## غزل

مرڪي چڪيا تي چڙهندو
سوئي سيني کي وڍندو
جاڳي سچ سدائين آهي
ڇهرن تان پردا ڪڍندو
ڏاهـا ٿيو، سو روپ سجاڳو!
ديس تي جو ڏاڙا هڻندو
سچ ستت ئي چڙهندو اهڙو
ساهه نه جنهن ۾ ڪو سڙندو
گل خوشبوءِ ڦهلائي پوءِ ئي
ٽٽندو، ٽاريءَ مان ڇڻندو

واجد

## ! ؟

حيرت آهي!
مونکي تون
ڪلندو ڏسڻ چاهين ٿو
پن ڇڻ جي موسم ۾
گل سنگهڻ چاهين ٿو
سياري جي
چانڊوڪيءَ جو
حظ وٺڻ چاهين ٿو
لاش جي زرد ڳلن کي
سرخ ڏسڻ چاهين ٿو
حيرت آهي
مونکي تون
ڪلندو ڏسڻ چاهين ٿو

---

سڪندر "ساجن"

## ٻيهت

اڄ ئي پهر اندر ۾ پورهيت جي پيڙا
آهي ماڻهن من ۾ آدما اوسيئڙا
نه هي جنگيون ۽ جهيڙا، آهن چو عوام سان.

ڏيهه پرڏيهه آهي پورهيت جي پچار
هر هنڌ پهچي ٿي لانگوٽين جي للڪار
پورهيت سندي پڪار، اڄ وئي پڙاڏو بڻجي.

هاريءَ کي بيدخل ڪرڻو هوندو هو ته، پنهنجا چار غنڊا وٺي هاري کي بيدخل ڪري ڇڏيندو هو. ان جي خلاف غريب هاريءَ کي مختيارڪار ۽ لينڊ ٽربيونل اڳيان دانهن ڏيڻي پوندي هئي ۽ وري لينڊ ٽربيونل جا نوٽيس، مختيارڪار جي آفيس مان جاري ٿيندا هئا ۽ مهينن جا مهينا نوڪرشاهي جي ڳنڍ جوڙ ڪري تعميل نه ٿيندا هئا جيڪڏهن تعميل به ٿيندا هئا ته حاضرين تي حاضريون رکيون وينديون هيون ۽ اهڙي طرح فيصلو ٿيندي ٿيندي ٻه چار سال لڳي ويندا هئا. جيڪڏهن پوءِ فيصلو ڪٿي هاريءَ ويچاري جي حق ۾ ٿيندو هو تڏهن به ان لاءِ وڏيري کان زمين جو قبضو وٺڻ ناممڪن هو. پر جيڪڏهن اهو ممڪن به ٿي پوي ته ان لاءِ ٻي مسڪين هاري کي بيدخل ٿيڻو پوندو هو. جيڪو گذريل ٽن چئن سالن کان آبادي ڪندو رهيو آهي. اهڙي طرح اهو مسئلو حل ٿي نه سگهيو. موجوده دور ۾ هر وڏيرو ڀرپور انتظامي جذبي سان ميدان ۾ آيو آهي. ۽ هن جي بيدخل ڪرڻ جو طريقو ڏاڍو ظالمانو آهي، ڪمزور هاري ته بنا دير جي ٽپڙ کنيو اٿيو وڃي، جيڪڏهن ڪو ارڏائي ڪري ٿو ته وڏيرا ۽ انهن جا دلال ڪوڙيون رپورٽون درج ڪرائي ٿاڻن تي گهلائي هارين کي چورائي ٿو ته جيڪڏهن زمين ڇڏيو ته ته واهه نه ته ايف. آءِ. آر تيار آهي. پوءِ لاڪ اپ جيل ۽ ڪورٽ جا چڪر هوندا ۽ غريب مسڪين هاري هوندو

تازو تعلقي نوشهري فيروز ۾ به اهو سڀ ڪجهه ڪيو ويو. ليڪن ڪجهه مهينا اڳ ضلعي حيدرآباد کان بدلي ٿي آيل مختيارڪار جي اچڻ کان پوءِ صورتحال انتهائي سنگين ٿي ويئي آهي. صاحب موصوف مختصر عرصي جي اندر انتهائي تيزرفتاري جو رڪارڊ قائم ڪندي ٽيهارو کن هاري خاندانن کي بيدخل ڪري ڇڏيو، ٻڌو ويو آهي ته وڏيرن مختيارڪار صاحب جي ڏاڍي خدمت ڪئي آهي. بيدخل ٿيندڙ هارين جا نالا هيٺان آهن. نظر محمد، عبدالله خاصخيلي، محمد قاسم سولنگي، سلطان اچڻ، واڌو اچڻ، حاجي بالو، شاهه بيگ مري، لالو ملڪ، غلام عباس، پورو ماڇي، احمد شاهه، دين محمد وغيره وغيره. بيدخل ٿيل هارين مان ڪجهه هارين ڪورٽ ۾ پڻ اپيل داخل ڪرائي آهي.

نمائندي وٺان :-

# لاڙڪاڻي شگر ملز جي مزدورن جا مسئلا حل ڪيا وڃن

١٤-٢-١٩٧٨ع تي خميس ڏينهن لاڙڪاڻو شگر ملز ايمپلائيز يونين جي جنرل باڊيءَ جي گڏجاڻي ٿي گذري. گڏجاڻيءَ ۾ ٻين ڳالهين کان علاوه هيٺيون قراردادون سيڪريٽري جنرل پڙهي ٻڌايون ۽ مزدورن يڪراءِ ٿي انهن قراردادن جي منظوري ڏني. گڏجاڻي جي صدارت سيد حسين شاهه بخاري جن ڪئي.

## قراردادون

١- ملتان جي واقعي جي ڏوهين کي گرفتار ڪري سخت سزائون ڏنيون وڃن. خاص طور تي مل مالڪ شيخ مغيث، پرسنل منيجر، ڪنٽين ٺيڪيدار ۽ ملوث پوليس عملدارن کي گرفتار ڪري کين سرعام ڦاسي ڏني وڃي.

٢- ٽريڊ يونين تي لڳايل پابنديون هڪدم ختم ڪيون وڃن.

٣- هڙتال جو حق بحال ڪيو وڃي.

٤- جن مزدورن کي بيروزگار ڪيو ويو آهي، انهن کي بحال ڪيو وڃي ۽ سندن حقن جي تحفظ جي ضمانت ڏني وڃي.

٥- هارين جون بيدخليون بند ڪيون وڃن، زمين جيوڪري جي حالت ۾ پهريون حق کين ڏنو وڃي.

٦- شگر ملز ۾ جونيئر آفيسرن جي ڀرتي بند ڪري ۽ پراڻن حقدار ۽ تجربيڪارن ماڻهن کي ترقي ڏني وڃي.

٧- شگر مل نئون ديرو ۾ نئين ڀرتي هڪدم بند ڪري پراڻن سيزنل ۽ ڊيلي ويجز مزدورن کي پڪو ڪيو وڃي، مستقل

ماؤزي تنگ

واحد بخش

# ڪارڪنن ۾ ڇڙواڳي ۽ آزاد خيالي

اسان سرگرم نظرياتي جدوجهد جا حامي آهيون، ڇاڪاڻ ته سرگرم نظرياتي جدوجهد ئي انقلابي تنظيمن جي پڌيءَ کي مضبوط ۽ مستحڪم ڪندي آهي. هر انقلاب دوست جو فرض آهي ته هو سرگرم نظرياتي جدوجهد کان پاڻ کي پاسي نه رکي. آزاد خيالي ۽ ڇڙواڳي سرگرم نظرياتي جدوجهد کان هڪ انقلاب دوست کي نه فقط پاسي رکي ٿي پر ڪيس غير اصولي امن جو حامي بنائي ڇڏي ٿي. اهڙي طرح انقلاب دوست ڪارڪنن ۾ پراڻيون مدي خارج ذهنيت ۽ وچٿري رويي کي جنم ڏئي ٿي. جنهن ڪري انقلاب تنظيمن ۾ سياسي ماڻهن جي کوٽ پيدا ٿئي ٿي.

آزاد خيالي ۽ ڇڙواڳي مختلف شڪلين ۾ مختلف رنگن ۾ پيدا ٿئي ٿي. تنهي ليکي سندس يارهن قسم آهن.

١- ڪنهن ڪارڪن کان ڏٺي وائٺي ۽ واضح غلطي ٿيڻ جي باوجود فقط صلح يا دوستي جي واسطي جيڪي ڪجهه ٿئي ان کي ٿيڻ ڏيڻ ۽ ان سان فقط ان ڪري بااصول* بحث نه ڪرڻ ڇو جو هو پراڻو واقف ڪار آهي، دوست آهي، عزيز آهي يا پراڻو ساٿي آهي.

٢- تنظيمي گڏجاڻين ۾ سرگرمي سان حصو نه وٺي غلط ڳالهين تي تنقيد ڪرڻ بجاءِ پرپٺ غير ذميدارانه تنقيد ڪرڻ. ماڻهن کي منهن تي ڪجهه نه چوڻ پرپٺ گند ڪرڻ. يا اجتماعي زندگي جو خيال نه رکڻ پر پنهنجو پاڻ مرادو قدم کڻڻ به ڇڙواڳي آهي.

٣- اهڙين ڳالهين کان لاپرواهي ڪرڻ جيڪي پنهنجي ذات تي اثرانداز نه ٿيندڙيون هجن، چڱي طرح ڄاڻيندي به ته فلاڻي ڳالهه غلط آهي ان جي باري ۾ وات بند رکڻ، زماني وارو ٿيڻ ۽ توري ٽڪي اهڙي قدم کڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ جيئن مون تي ڪو الزام نه اچي.

٤- پارٽي جا آيل هدايات نامه مڃڻ پر پنهنجي مرضي ۽ منشا کي اعليٰ ۽ برتر سمجهڻ يا تنظيم کان خصوصي واڌڻ جو مطالبو ڪرڻ مگر ان جي نظم و ضبط جي پابندي نه ڪرڻ.

٥- تنظيم ۾ ڪم کي مناسب طريقي سان ڪرڻ لاءِ غلط خيالن جي خلاف جدوجهد ڪرڻ يا دليل پيش ڪرڻ بجاءِ ذاتي حملا ڪرڻ، جهڳڙا اٿارڻ، ذاتي دشمني يا پلئه ڪرڻ.

٦- غلط ڳالهيون ٻڌڻ پر ان جي ترديد نه ڪرڻ ايتريقدر جو انقلاب دشمني جو ڳالهيون ٻڌي پارٽي کي اطلاع نه ڏيڻ پر انهن کي خاموشي سان برداشت ڪرڻ جهڙوڪ ڇڻ ڪجهه ٿيو ئي ڪونه هو.

٧- عوام ۾ رهندي پروپيگنده يا ايجيٽيشن نه ڪرڻ يا جلسن ۾ تقرير نه ڪرڻ يا عوام ۾ اندر وڃي تحقيق نه ڪرڻ پر ان کان بي توجه رهڻ جي ڪوشش ڪرڻ ۽ عوام جي فلاح بهبود جو خيال نه رکڻ.

٨- ڪنهن شخص کي عوام جي مفاد کي نقصان پهچائيندي ڏسڻ ليڪن ان کي منع نه ڪرڻ يا نه سمجهائڻ پر ان جي همت‌افزائي ڪرڻ.

٩- ڪو رٿيل منصوبو يا عملي قدم تيار ڪرڻ کان سواءِ بي دلي سان ڪم ڪرڻ يا رسمي طور تي ابتو سبتو ڪم هلائڻ.

١٠- اهو خيال ڪرڻ مان ته انقلاب لاءِ وڏي خدمت ڪئي آهي- مون کي پنهنجي خدمت تي فخر آهي- ننڍي وڏي ڪم کي هٿ نه لائڻ جڏهن ته پاڻ وڏي ڪم جي لائق نه هئڻ، لاپرواه ٿيڻ ۽ مطالع کان لنوائڻ.

١١- پنهنجي غلطين کان باخبر هئڻ جي باوجود پنهنجي اصلاح نه ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ اهي سڀئي آزاد خيالي ۽ ڇڙواڳي جون خاص خاص نشانيون آهن. انهن سڀني مان آزاد خيالي ۽ ڇڙواڳي جي بوء اچي ٿي.

آزادي خيالي ۽ ڇڙواڳي انقلابي اجتماعي تنظيم لاء سخت نقصان ڪار هوندي آهي. هي پڌي ڪري نقصان رسائي ٿي ۽ تنظيم ۾ گروپ بندي ڪري ٿي. هي انقلاب صفن کي مضبوط تنظيم نظم ۽ ضبط کان محروم ڪري ٿي، پاليسين تي عمل جي راهه ۾ رڪاوٽ پيدا ڪري ٿي ۽ سڀ کان وڌي ڳالهه ته پارٽي تنظيم کي عوام جي سچي پچي رهنمائي کان پري رکي ٿي جيڪا پوء انتهائي نقصان ڪار ثابت ٿئي ٿي.

آزاد خيالي ۽ ڇڙواڳي دراصل وچولي طبقي جي خود غرضي آهي- هيء ذاتي مفادن کي اوليت ۽ انقلابي مفادن کي ثانوي حيثيت ڏئي ٿي- اهو رويو اڳتي هلي ڪري نظرياتي سياسي ۽ تنظيمي ڇڙواڳي کي جاء ڏئي ٿو.

آزاد خيال ۽ ڇڙواڳ ماڻهون انقلاتي ۽ نظرياتي اصولن کي اول ۽ آخر سمجهن ٿا. اهي انقلابي ۽ نظرياتي اصولن جا حامي ته هوندا آهن پر عمل ڪرڻ لاء پرو ڇڙهندو اٿن- اهڙن ماڻهن وٽ انقلابي نظرياتي اصول ته هوندا آهن پر ان سان گڏو گڏ آزاد خيالي ۽ ڇڙوا ڳي کي به ڪونه ڇڏين- اهي پين کي انقلابي ۽ نظرياتي اصول سيکارين پر پاڻ آزاد خيالي ۽ ڇڙوا ڳي تي پاڙيندا آهن. آزاد خيال ۽ ڇڙوا ڳ هميشه موقع پرست هوندا آهن. هنن جا اصول نه فقط انقلابي ۽ نظرياتي اصول جي ابتڙ هوندا آهن پر مفروضي طور تي دشمنن کي فائدو رسائيندا آهن. انهيء ڪري دشمن اسان جي صفن ۾ آزاد خيال ۽ ڇڙوا ڳ ماڻهون ڏسي ڏاڍا خوش ٿيندا آهن ان ڪري انقلابي ۽ نظرياتي صفن ۾ هنن لاء ڪابه گنجائش نه رکڻ گهرجي.

هڪ انقلابي ۽ نظرياتي ڪي نہ فقط وڏي حوصلي وارو ۽ پنهنجي اصولن جو پڪو هئڻ گهرجي پر انقلاب جي مفادن کي پنهنجي زندگي تصور ڪندي پنهنجي ذاتي مفادن کي انقلاب جي طابع رکڻ گهرجي. هن کي تمام غلط خيالن خلاف اڻ ٿڪ جدوجهد ڪرڻ گهرجي ائين ڪرڻ سان ئي پارٽي جي اجتماعي زندگي کي هٿي ملندي ۽ پارٽي جا عوام سان لاڳاپا مضبوط ٿيندا.

تمام وفادار، ديانتدار ۽ سرگرم نظرياتي ڪارڪنن تي جيڪي ٻہ فرض آهن تن مان وڏي ۾ وڏو فرض، آزاد خيالي ۽ ڇڙواڳي خلاف متحد ٿي سرگرم جدوجهد هئڻ گهرجي.

عبدالڪريم گدائي

# لاٽ ٻرندي رهي!

نوجوان ساٿيو ! سنڌ جا وارثو !
سات هلندو رهي، لاٽ ٻرندي رهي!

مونکي سنڌ جيجل جو آهي قسم
تہ جيسين آ سينو ۽ سيني ۾ دم
ٿئي ديس خاطر جي سر ڀي قلم
سات هلندو رهي! لاٽ ٻرندي رهي!

نہ جيلن ڪان دهليا هي جوڌا جوان
سندم سنڌ ساٿيہ جا پهلوان
ڪپي ڪير آ، جو اسانجي زبان
سات هلندو رهي! لاٽ ٻرندي رهي!

ڪر ڪٿي ٿو پنائي اوهان کي ڏسي
ڏسي همٿون ڪيچ مان ٿو ڪلي
درازن جو دولهہ دعا ٿو ڪري
سات هلندو رهي! لاٽ ٻرندي رهي!

گدائي غلاميءَ جون راتيون ڪٽيون
وٺي ٻات اونده ۽ ٻاڪون ڦٽيون
اجهو هاڻ زنجير زيرون ٽٽيون
سات هلندو رهي! لاٽ ٻرندي رهي!

سنڌ جيئندي رهي ۽ سدائين جيئي.